# نندي ماٺھوءَ جي ڊائريءَ تي پراوا وڏا خيال

## چونڊ خيال

سليڪشن: سعيد سومرو

انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب
www.abbaskorejo.com

وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رھو.

# چوند خيال

* تاريخ ايتري ڪنور رهي آهي، جو ڪنهن ڪنهن وقت مون کي خيال ايندو آهي ته اسان جي ڄمڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي هئي؟ ۽ اسان جي موت جي اهميت ئي ڪهڙي آهي؟ شايد ئي دنيا جي ڪنهن ديس ايترا ڏک سَٺا آهن، جيترا اسان سَٺا آهن. (شيخ اياز)

* هُو به ويو ۽ هيءُ به ويو! جانان پنيان جيءُ به ويو .... او ... ويو! ..... ويو! .... ويو! .... (فارسي شعر جي سٽ)

*اوهان منهنجي محبوبا کي، هڪ نظر ڏسو ته ست ڏينهن خوابن سان پريل رهو. (دوستو وسڪي)

* توسان نه ملڻ جو ڪارڻ، تو بنا رهي سگهڻ جي ننڍي ڪوشش آهي. (عابد مظهر)

* آئون تنهنجي اکڙين جي ڪنارن تي ويهي، خوابن جي باري ۾ ڪتاب لکڻ چاهيان ٿو. (احمد فراز)

* وڻ کي ڪهڙي خبر ته آءٌ هُن جي ڇانوَ ۾ ويٺو آهيان. (رياضت ٻرڙو)

* منهنجي من ـ مندر ۾ ڪائي مورتي نه آهي، پوءِ اهي ڏياٽيون ڪنهن لاءِ جلائيندو آهيان! ڪنهن وقت منهنجي آتما ڪنهن ديوداسيءَ وانگر نچندي آهي، ڪنهن لاءِ .....! ڪنهن لاءِ .....! (شيخ اياز)

* مان ديش وديش رُليو آهيان، پر ڪنهن کي بہ پنهنجي پسند موجب پائي نہ سگهيو آهيان. هن سنسار ۾ ڪوئي بہ پنهنجو نہ آهي. (بنگالي گيت جون سٽون)

* ’اهڙي ڪائي شئي ڏي، جنهن سان ساري سُڌ بُڌ هلي وڃي ـ ڄاڻَ وڏي ڏائڻ آهي ۽ ڪيتري وقت کان منهنجي هيانوَ کي کائيندي رهي آهي.‘ (شيخ اياز)

* ’تون پنهنجي محبت جي جذبي کي آزمائي ڏس تہ تنهنجي اها محبت جنهن جي اثر هيٺ تون هيڏو وڏو قدم کڻي رهي آهين، ڪٿي نوجوانيءَ جي جذبات جي وقتي اٿل تہ ناهي.‘ (آغا سليم جي ڪهاڻيءَ جا ڊائيلاگ)
* دشمن کي معاف ڪري ڇڏيو. پر خدا قسمان پاڻ اهو ڪاٿي بہ نہ پڙهيو آهي تہ دوست کي معاف ڪري ڇڏيو. (نامعلوم)

* تنهنجي هٿن ۾ پنهنجا هٿ ڏسي، خدا تي يقين پختو ٿيو آهي. (سعيد سومرو)

* انهيءَ ڏک جي پيڙا جي قيمت نٽا گهرون ۽ عيوضي ۾ ڪنهن اجوري (شهرت) جي گهرج ناهي، نہ ئي ڪليندر جي تصوير بڻجڻو اٿئون. بس! جي اسان کان پوءِ اچن، کين ايترو ئي چئجو: ’هڪ زندگي، هڪ ڪلپنا، هڪ مورت گهڙيندا رهياسين، روشنيءَ جي لاءِ اونداهيءَ ۾ لڙندا رهياسين.‘ (نڪولاوا پتساروف ـ روسي ليکڪ)

* ڇا ڇا نہ مليو! جڏهن تو سان ملياسين. هاڻي تنهنجي نہ ملڻ جي شڪايت نہ ڪنداسين ... (فيض احمد فيض)

* ڇهرن تي اُڪريل تحريرون ڳالهائينديون آهن ۽ ماڻهن جي اندر جا راز ٻڌائينديون آهن. (جاپاني شعر جو ترجمو)

* هُو چون ٿا: ’عورت گُل آهي.‘ ۽ مان پڇان ٿي تہ ڪوئلا ميڙيندڙ مدارسڻ کان وٺي گونھ ڍوئيندڙ پنگياڻيءَ تائين، گُلن جا گهڻا قسم آهن!؟ (امرتا پريتم)

* ساجن! اهو نہ سمجھ تہ توکان وڇڙي مون کي ڪوئي چين آهي. ڏيئو تہ رات جو جلي ٿو پر جيءُ ڏينهن رات جلي پيو. (امير خسرو جي دوهي جو ترجمو)

* رات بنا رات ـ راڻي دکي آهي ۽ چنڊ سواءِ رات دکي. توبنا ساجن آءٌ ۽ درشن بنا اکيون دکي آهن. (امير خسرو جي دوهي جو ترجمو)

* ليٽر باڪس ۾، اسان پنهنجون حسرتون وجهي ايندا آهيون، مگر پوسٽمين ڏاڍو سست هوندو آهي. (آدرش)

* راجا جي طاقت لشڪر، عالم جو علم، ٻار جو روئڻ ۽ عورت جي سونهن، مشڪ، جنهن سان هوءَ ڪنهن کي بہ پنهنجي وس ۾ ڪري سگھي ٿي. (موپاسان)

* جتي بہ ڪي بہ محبت ڪرڻ وارا ويٺا آهن، اُهي سمجھندا آهن تہ ٻيا سڀ دنيا وارا انڌا آهن. (پشتو چوڻي)
* وڏي ٿيڻ جا وڏا ڏک آهن، نندي تي سختيون گھٽ آهن. تارا سدائين امن ۾ هوندا آهن، گرهڻ چنڊ ۽ سج لاءِ هوندي آهي. (حڪيم بزر جهمر)

* جڻ تہ ايئن چوڻ لاءِ تہ: 'جي مون لاءِ مرين ٿو تہ پلي مري وڃ.' هوءَ ظالم ڇوڪري روز بنھ منهنجي در اڳيان لنگھي وڃي. (جاپاني شعر)

* صبح جي وقت، پنهنجي وارن کي ڦٽي ڪا نہ ڏينديس. رات انهن وارن هيٺان، تنهنجي ٻانهن وهاڻي وانگي رکيل هئي. (جاپاني شعر)

* عورت جي ’ها‘ ۽ ’نہ‘ ۾، ايترو تہ قرب ۽ سڪ هوندي آهي، جو انهيءَ جي وچ ۾ سئي بہ سمائجي نہ سگهندي آهي. (نامعلوم)

* ڊاڪوءَ کي يا تہ توهان جي زندگيءَ جي ضرورت آهي يا دولت جي. پر عورت کي ٻنهي جي ضرورت هوندي آهي. (نامعلوم)

* خدا ڪان وڌيڪ تہ ڪوئي بہ خوبصورت نہ ٿي سگهندو، پر تون بہ گهٽ نہ آهين! (شيخ اياز)

* تون ڪارا وار اڇا ڇو ٿي ڪرين؟ تنهنجا اڇا وار مون کي ياد ڏياريندا آهن تہ اسان زندگي گڏ گذاري آهي. اهي ڪارا وار توکي اوپرو بڻائي ڇڏين ٿا. (شيخ اياز)

* سيسار (پاڻيءَ جي جانور) سهڻيءَ کي سير ۾ لڙهندو ڏسي، ٿڌو ساهہ ڀري سوچيو: ’ڪهڙي بزدل جي ڪيڏي لڳي آهي!؟‘ (شيخ اياز)

* ڦڙو، سمنڊ ۾ ملي فنا ٿي وڃي ٿو ۽ آءُ ڦڙي کي سمندر جو اڳواڻ ٿاهڻ چاهيان ٿو. (علامہ اقبال)

* سوين ماڻهو گڏجي، هڪ منزل گاهہ ٺاهي سگهن ٿا پر گهر ٺاهڻ لاءِ هڪ عورت ئي ڪافي آهي. (چيني چوڻي)

* دعا تہ خبر ناهي ڪهڙي هئي؟ ذهن ۾ نٿي اچي. بس ايترو سو ياد آ : ٻہ هٿ دعا لاءِ کڄيا هيا، جن ۾ هڪ منهنجو هيو ۽ هڪ هٿ تنهنجو هيو! (پروين شاڪر)

* عورتن ۾ وڏو نقص، سندن ئي مردن وانگي رهڻ واري تمنا آهي. (شيڪسپيئر)

* جي مون کان جهجهو سنهو ملي وڃئي ماڻهو ته مون کي وساري ڇڏجانءِ ـ جي مون کان وڌيڪ خراب کو ملئي ته مون کي سارجانءِ. (روسي گيت جون سٽون)

* آءٌ، جيستائين جيئرو آهيان، هوءَ منهنجي ڳيچيءَ جي چوڌس رسي سان گڏ پٽر جيان ٻڌل هوندي. (ليوٽالسٽاءِ)

* اهڙو ڪو نه ڏينهن ياد نه آهي، جنهن ڏينهن توکي ياد نه ڪيو وڃي. (آئزڪ بيشرز ـ سنگر)

* فن ـ موت کي فتح ڪرڻ جي هڪ ڪوشش آهي. (پيسٽر ناڪ)

* ساجن کي وئي، اجان ٻه ڏينهن آهن ٿيا، پر اُهي ٻه ڏينهن پنجاهه سالن جهڙا ٿا لڳن. يُولي، پنڊت کان پُڇي ٿي، ته هڪ ڏينهن ۾ ڪيترا مهينا ٿيندا آهن؟ (تلسي داس ـ دوهي جو ترجمو)

* يادگيري، اهڙي جنت آهي، جنهن مان ڪنهن کي به ڪڍي نٿو سگهجي. (جين پال رڪٽر)

* اي منهنجا مولا! جڏهن انسان پيدا ٿو ٿئي ته ان وقت اذان ٿي ڏني وڃي ۽ مري ٿو ته نماز ٿي پڙهي وڃي. منهنجا پروردگار! اذان ۽ نماز جي وچ وارو قفو ڪيترو آهي جو انسان کان اُن جو حساب ڪتاب ٿو وٺين. (عزيز ميان قوال جي قوالي جي مصرع.)

* مون کي هر گهڙي توسان نئين سر تازو عشق ٿو ٿئي، خدا ڪري! هر پل توکي به ٻيو ٻيو حسن عطا ٿيندو هجي. (عمر خيام)

* تنهنجي واعدي تي زنده رهياسين. ان مان ثابت ٿيو ته تون ڪوڙ ڳالهائي رهي هئينءَ. جيڪڏهن اهو يقين هجي ها ته تون سچ پئي چوين ته اسان خوشيءَ ۾ مري نه وڃون هان. (غالب)

* ان تي خوش آهيان ته شڪار جو شوق، تنهنجي دل مان نه ويو آهي. جيتوڻيڪ تو مون کي هزار ڀيرا پنهنجي دام ۾ ڦاسايو آهي. (پارسي شعر)

* مان خزائن جو ليکڪ آهيان، بهارون اينديون ته مان مري ويندس. (امر جليل)

* توتان شروع، توتي ختم، ٿيندو آ منهنجو هر نظم ـ تون خيال ڪان پري ٿي ته ڪڏهن ڪجھ آءٌ ٻيو به لکان. (دپتي نول)

* ڪو به ڏاهو عاشق پنهنجي معشوق جي تعريف ايستائين نه ڪندو آهي، جيستائين ان کي حاصل نه ڪري. (سقراط)

* قتل گاهه ۾ بيهي مون توکي ايئن ياد ڪيو جڻ پنهنجي جواني ڀيو ساريان. (روسي ڪوي ـ ’بلاڪ‘ جي نظم جو ٽڪرو.)

* قانون کي قلف ۽ ڪنجيءَ وانگي مضبوط هئڻ گهرجي. (مئسڪم گورڪي)

* رڳو ڪليندر ئي ته بدليو آهي. زخم اُهي ئي ساڳيا آهن. (آدرش)

* ڇوڪريون شيشي جي چوڙين وانگي آهن. ٻانهن ۾ هجن ته سونهن وڌائين. جي ٽٽي پون ته ڪو به انهن جا ٽڪرا ميڙي، پاڻ کي زخمي نه ٿو ڪري. (نامعلوم)

* ٻچان ٿو: ڪٿي هن دور جي ڏاهن تي سوچيندي سوچيندي مان چريو نه ٿي پوان. (نامعلوم)

* دنيا ڪنهن سنهڙي چيلهه مان تلوار جي پار وڃڻ ڪان به وڌيڪ نندي آهي. ۽ هڪ پيغمبر جي خيمي ڪان به وڌيڪ ڪشادي آهي. مان پنهنجي پٺيان به ڪنهن ڪي نٿو ڏسان پنهنجي اڳيان به ڪنهن ڪي نٿو ڏسان. مان ميڙ ۾ اڪيلائي ٿو محسوس ڪيان. منهنجو ديس منهنجو پويون لکيل نظم آهي. (محمود درويش ـ فلسطين)

* مون کي هڪ ڪڙڪي آهي
جنهن مان بسنت ايئن ترندو ايندو آهي
جيئن ڪائي ٻيڙي ڳاڙهي جهنڊي سان
درياهه ۾ ترندي آئي هجي.
مون کي هڪ ڪُتڙو آهي، جنهنکي انسان جهڙيون اکيون آهن،
مون کي هڪ نيرو نوٽ بڪ آهي
۽ ان ۾ آهن ٽيٽيهه خوبصورت ڇوڪرين جا نالا .....
پر مون ڪان اهو نه وسرندو ....
منهنجي دل ۾ لڙڪ آهن.

(سيفرت)

* زندگيءَ ۾ هڪ دوست ملي ته گهڻو آهي. ٻه ملن ته اجان به سٺو. ٽي دوست .... پر ملي نٿا سگهن. (نامعلوم)

* هڪ ڏينهن انڌي فقير مونکان خيرات گهري.مون ان کي تنهنجي پيار جي لکيل کهاڻي ڏني ته هن کهاڻي سان گڏ چار آنا منهنجي ترڻيءَ تي رکيا. (اعجاز انڙ)

* منهنجون سکيون تنهنجو نانءُ پڇن ٿيون. (تون، جو منهنجي تخيل مان جڙيو آهين!) تنهنجو وجود آهي به يا آهي ئي نه؟ تنهنجو ڪو نانءُ آهي يا نه؟ اچ .... منهنجي شاعري ڪو نانءَ، ڪو وجود ڳولهڻ لڳي آ. تون خواب آن يا خيال آن؟ تون جو آهين سپهورن راڳ جيان نچاڻ. آهين يا آهين به نه، يا منهنجو رڳو تخيل آن؟ (ناهيد مغل)

* چانڊني رات منهنجو من سپني جي ساپيان يا ساپيان جو سپنو؟ اڇو پڪي اڏامي پيو اپ ۾، چوڏس مهڪي پيو موتيو، گجرا پائي ٻارڙي ڪي ارهه سان لائي اگڻ ۾ ستي پئي آ، سجني منهنجي. ۽ مان لڪي رهيو آهيان مسلسل هڪ دعا گهري رهيو آهيان، اي مالڪ! اهڙي ۾ ڪٿان بندوق جو فائر نه ٿئي. (سليمان سولنگي.)

* آسمان ڪي ڪو در گهٽي ناهي. محبوبائن جي انڪار ڪان پوءِ بي پرواهن جا سينا ڇتن ڪتن لاءِ پناهه گاهون ٿيندا هن. سڀ فلسفا ڪهاڻيون، آئينا، شهر، معنائون، اکيون ناقابل برداشت بڪواس وانگي هن! (ستار رند ـ شيزو فرينا مان ٽڪر.)

* هوءَ مون لئه سپنن جا رومال پري ٿي ۽ هر سال مونکي منهنجي جنم ڏينهن تي تحفي طور موڪلي ڏيندي آهي. هوءَ جڏهن به ملندي آهي لفافي تي لڳل ٽڪلين جيان هر دفعي نئين لڳندي آهي ۽ آءٌ هن جو خط ٻٽجي پاڻ ڪي پڙهندو آهيان اسان ٻنهي ڪي پير آهن پر هلڻ جو رستو ڪونهي. اسان ٻئي 'وڏاچور' آهيون. بي خبر چور، اسان اهو ته سوچيو ئي ناهي، جيڪڏهن پاڳيا جاڳي پيا ته اسان جيڪي هلي به نٿا سگهون، اهي ڊوڙي ڪيئن سگهنداسين؟ (بخشڻ مهراڻوي)

* تون چاهي ڪيتري به 'نفرت' جي 'عام موڪل' ڪرين، پر منهنجي پيار جو اسڪول ڪڏهن به بند نه ٿيندو. (انور ڪاڪا)

* ليڊرانه انائن جي سنڌ ڪاز سان ڪيل ريپ مان جنم ورتل حرامي ٻار جهڙي سياسي ڪلچر ۾ جوان ٿيل نسل، 'داس ڪيپٽال' ڪان 'پروستريڪا' تائين جمهوري آزادين ڪان نيو ورلڊ آرڊر تائين ۽ اڏ ۾ رهجي ويل چمين جا سمورا فلسفا پينگ ۾ ڏئي، پنهنجا اغوا ٿيل سپنا موٽائڻ چاهي ٿو. 'ڪنهن ڪان؟' اهو طئه ٿيڻ اڃان باقي آهي. (اشوٿاما)

* منهنجو من وڻ جو ڪريل پن آهي، جنهن مٿان تنهنجي پيار جا ماڪ ڦڙا پيا آهن. منهنجو آرٽ گيلري آهي، جنهن ۾ تنهنجي وڇوڙي جون پينٽنگس لڳل آهن. (ارشاد شيخ)

* اڄ ڪلهه مون ڀيو سڀ ڪجهه وساري ڇڏيو آ. اگر ياد آهن ته صرف ٻه ڳالهيون ـ هڪ ستارن جيان تنهنجون چمڪندڙ اکيون ۽ ٻيو پنهنجي هٿن ۾ الجهيل لڪيرن جي بدنصيبي. (سيما عباسي)

* ڪجهه ٻه چوڻ ۽ نه چوڻ جي وچ ۾ هڪ لمحي ڪان گهٽ مفاصلو آهي ۽ تو اُهو ورهين تائين ويڪرو ڪري ڇڏيو آهي. (آشا)

* آءٌ آهستي آهستي ڏسڻ، ٻُڌڻ، ڳالهائڻ، روئڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي سگهه وڃائيندو ٿو وڃان. شايد هي موت جو وزيٽنگ ڪارڊ آهي. (مصطفيٰ ارباب)

* منهنجو ٽيليفون انڊيڪس مان تنهنجو فون نمبر ڪٽجي ويو آهي. تنهنجو دور ديس وڃڻ ڪان پوءِ، منهنجون آڱريون بي چين آهن، تنهنجي فون نمبر جا انگ وياڪل لڳن ٿا. منهنجي آڱرين ۾ تنهنجي فون نمبر جي وچ ۾ صدين جو فاصلو پيدا ٿيو آهي. اڄ روح مان اوچتو اڌمو اٿيو ۽ مون رسيور کڻڻ بغير، تنهنجو نمبر ڊائل ڪري ڇڏيو. (قدير انصاري)

* لفظن جي جسم تان معنائن جا ڪپڙا هڪ هڪ ٿي لهي ويا. تنهنجو پيار بديءَ جي بي اعتبار بارش جيان اوچتو وسي پيو هو ۽ هاڻ آسمان صاف ٿي چڪو آهي ۽ ڪٿان ڪنهن ڪنڊ تان جي اجان ٻه ڪا وج وراڪا ڏئي ٿي ته اها منهنجي دل آهي. (مظهر لغاري)

* ترس پنهنجي شاديءَ لاءِ ڳاڙهو وڳو ۽ پرفيوم بازار مان نه گهرائجانءِ. ڇو ته منهنجي خون ۾ ٻئي خاصيتون موجود آهن. (دين محمد ڪلهوڙو)

* عورت بنيادي طرح ماءُ آهي ۽ هوءَ مرد ۾ هڪ ٻار کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. (امر جليل)

* منهنجي گهر جا در کُليل آهن، ڪارن ماڻهن لاءِ، سهڻن ماڻهن لاءِ، هندن ۽ مسلمانن لاءِ، عيسائين ۽ يهودن لاءِ! سڀني سان منهنجو هڪ رشتو آهي، ڇو جو مان طوائف آهيان. (عارف شفيق)

* اڃان تائين آسمان مان، زمين تي ڪتاب لٿا آهن، آءٌ هن ڌرتيءَ جو شاعر آهيان، منهنجي خواهش آهي ته هڪ ڪتاب زمين تان آسمان تي به لهي، ته جيئن آسمان وارا ڇاڻي سگهن ته قيامت ڪان پهريائين به زمين تي ڪيتريون قيامتون گذريون هن! (عارف شفيق)

* پن ڇڻ جي موسم ۾ توکي ڪهڙي گل جي ماڪ وسي ٿي؟ (پروين شاڪر)

* ڪنهن به انسان رڳو هڪ ماڻهو سان عشق نه ڪيو هوندو! مون به ڪيئي عشق ڪيا، منهنجا سڀ عشق سچا هيا، مون جن به عشق پئي ڪيو، سي به سچا هيا. پر سڀ وڇڙي ويا. ڇو ته انهن کي به رڳو مون سان ئي عشق ڪونه هيو . (عارف شفيق)

* پنهنجي جسم جو گوشت ڪٽي، مان بکايل ڪُتن کي کارائي رهيو هان. مون کي خبر آهي ته مان مري ويس ته ماڻهو منهنجو جسم کي بيڪار ڀانئي، مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندا. (عارف شفيق)

* هن دنيا جي ڊرائنگ ڪندي مون ڪيترا ته سندر رنگ سجايا پر سڀ رنگ ملي ڪري بس هڪ رنگ ٿي پيو. .... سفيد رنگ .... (پريمڪا)

* پيار بنا سونهن ۾ ڪيڏي سادگي آهي؟ منهنجي بند اکين جي ڇپرن ۾ درد تڙپي رهيو آهي. لائبريري مان ڪروڙين لفظ ڪپيل آڱرين جي ماتم ۾ شريڪ ٿيڻ ويا آهن! (پروين شاڪر)

* ته تون اڇي موتي نه وڃين يا آئون توڏي نه هليو اچان. انهيءَ بڏتر ۾ مون رات در ڪي ڪلف به نه ڏنو. (جاپاني شعر)

* ٿوري دير بعد مري ويندس. آخري نشاني جيڪا هن دنيا مان ڪٽڻ چاهيان ٿي، جنهن ڪارڻ سڪي رهي آهيان، سو تنهنجو ديدار آهي. (غرومي شيڪبو)

* پاري جهڙي سرد راتين جو، جڏهن ماڻهو گرم ڪپڙن ۾ جسم ويڙهي سيءَ کان ڏڪندا آهن، آءٌ پنهنجي خاندان جي غربت ڪري، برفيلي هوائن سان جنگ ڪندي هان ... مان هڪڙي نائيٽ ڪلب ۾ سڄي رات اگهاڙو ناچ ڪندي هان. (اردو شاعر ـ عارف شفيق)

* اهي شهر جي ٿڌن ۽ گرم رستن تي دوستن سان ڏگهيون هم سفريون، اهي شام جو هوٽل تي اسان جون فضول ڪچهريون، اهي شوخين جي شرارتن جون لطيف ڪهاڻيون، اهو ڪاوڙ ڪي چانهه جي ڍڪ سان پيئڻ، اُهي سگريٽ جي دونهيءَ ڪي هڪ ٻئي جي چهري تي ڇڏڻ ... . نه ڄاڻ اها معصوميت ڪيڏانهن هلي وئي ... ڪيڏانهن هلي وئي.!؟ (خالد ياسر اقبال)

* ڇوڪرا ڪل ۽ مشڪريءَ ۾ ڏيڏرن کي پٿر هڻي رهيا آهن، پر ڏيڏر ته سنجيدگيءَ سان مري رهيا آهن. (ايرڪ فرائڊ ـ جرمن)

* وڏي چالاڪيءَ سان هُو شرير مون ڏانهن آيو ۽ منهنجي هنج مان ٻار کڻڻ جي بهاني، منهنجي ڇاتين کي ڇهي ويو. (بهاري لال)

* مينهن ۾ پيجي ويل ڪبوتري، ڍپ ۾ ورتل ڇوڪري ۽ ٿڪل عورت، ڏاڍي سهڻي لڳندي آهي. (محمد منون محمد ـ عراقي.)

* مان سچو ڏهاڙو، آرسي ڪٽي ويٺي آهيان. پنهنجا چپ ڪوليان ٿي، ڇهان ٿي ۽ لڪايان ٿي، ڇو جو منهنجي ساجن، سڄي رات انهن کي ڇهيو آ. (بهاري لال.)

* بيهه، رڳو ڏينهن ٿئي ته ان حرامي ڪڪڙ کي گهٽو ڏئي، ليٽڙائي تي ماريانس! جنهن جي ساجهر ٻانگ ڏيڻ ڪري منهنجو يار جلدي هليو ويو. (نامعلوم)

* اسان جي پاڇولن سان چانڊوڪي بحث ڪري ٿي. هُو هن ئي شهر ۾ آهي، پر اسان جي دنيا کان دور آهي. (جاپاني شعر)

* جيڪر خبر هجي ها ته ٻِداپو ايندو ته در بند ڪري، اندران نياپو ڪريانس ها ته گهر جو مالڪ اجان نه موٽيو آ، وڃ ۽ وڃي ٻئي ڪنهنجو جيئڻ حرام ڪر. (نامعلوم)

* هڪڙيءَ اڪيلي ماکوڙيءَ گلن جهڙي سهڻي ڇوڪريءَ کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو. (جاپاني هائيڪو)

* مان انهيءَ ساراهه جو مستحق ناهيان، سچ پچ! منهنجا دوست! منهنجو جيءُ جلڻ لڳي ٿو، جڏهن تون منهنجي سچائيءَ جي تعريف ڪرين ٿو. مان انسان وانگر رهان ٿو نه ڪي چيتي جيان. منهنجي ستم زده دل ۾ خوف جو آستان آهي ، اعتبار ڪر مان خوفزده آهيان، پر مون کي موت کان وڌيڪ خود فريبيءَ ۽ ذلت جي زندگيءَ کان خوف ٿئي ٿو. (هنگري جو شاعر ـ زولٽن زيلڪ)

* بي بي مريم يسوع سان ڳالهائي رهي آهي: ’تون منهنجو پٽ آهين يا خدا آهين؟ صليب تي توتي ڪوڪا کوڙيا ويا آهن! جتان منهنجو گهر ڏانهن رستو آهي، ڇا مان پنهنجي شاهي در مان لنگهي سگهان تي؟ جيستائين مان ڪائي ڳالهه سمجهي نه سگهان ته تون مري ويو آهيان يا جيئرو آهين؟‘ يسوع ان تي هُن کي موٽ ڏني: ’مئل يا جيئرو؟ اي عورت! مڙئي ڳالهه ساڳئي آهي. پٽ يا خدا .... مان تنهنجو آهيان ...!‘ (آمريڪي شاعر ـ براڊ سڪي.)

* تنهنجون اکيون ڪنول ـ پتين وانگي آهن، تنهنجو مُک ڪنول جهڙو آهي. تنهنجا چپ ڪچا ڪونپل آهن ۽ تنهنجا رنگ چمپڪ جي پنن وانگر آهن. بُداءِ مون کي پريمڪا! اپائٽهار توکي پٿر جو هانءُ ڇو ڏنو آهي؟ (ڪاليداس)

* تون منهنجا چپ منهنجا اِڇا (مرضي) کان سواءِ ڇو ٿو ڇهين؟ نرلڄا! ايئن لڄ جو مکر (مڪرُ) ڇو ٿو ڪرين ...؟ هٽُ .... ڇڏ ...! منهنجي گهگهي جو پاند کي ڇڏ ...! اهي سؤڳند (قسم) کٽي مون کي پنيلائي ڇو رهيو آهين؟ مان تنهنجو اوجاڳيل انتظار ڪدي ٽڪجي پئي آهيان. موٽي وڃ ....! انهيءَ ڏانهن، جنهن سان ريدل هئين! ماکيءَ جون مکيون اُهي ڦول ڇا ڪنديون، جي ڦٽا ڪيا ويا هجن..‘ (ڪاليداس)

* ڪامٽي پاڻ کي چنڊ جي ڪرڻن کان، جهنگ جي وڻن ۾ ڇپائي تي ۽ پنهنجو گهگهو مٿي ڪري ٿي، جنهن ۾ سندس ارهه ڊڪيل آهن. (پرتري هري. )

* تون اسان کان ڏاڍو ڏور پڇين ٿو، هرڻن جي ڪرت سکيو آهين. هونئن به سهٽين اکين وارين جي پيچ ڊڪ عادت هوندي آهي. (نامعلوم)

* پن پن، ٻوٽو ٻوٽو اسان جو حالُ ڄاڻي ٿو، نٿو ڄاڻي ته گل (محبوب) ئي نٿو ڄاڻي، باغ ته سارو ڄاڻي ٿو. (مير تقي مير جي شعر جو ترجمو)

* آهستي ڳالهاءِ ...! منهنجو ساجن، منهنجي من ۾ آهي، متان اهو ٻڌي نه وٺي. (امارو)

* مون چوواٽي تي ٻيهي، هُن جي دلڪش اکين تي هڪ نظم لکيو هو. رات جو هُن کي ٻئي جي ٻير ۾ ڏسي سندس بي وفائيءَ تي ٻيو نظم لکي، پهريون ڦاڙي ڇڏيو ... (ڪنول)

* اي منهنجا محبوب! جيڪڏهن توکي ملڻو آهي ته فقير ٿي اچ. فقيرن جا رستا ڪنهن روڪيا آهن. (پشتو ٽپو)

* جڏهن کان هُن ٻه چوٽيون ڪرڻ شروع ڪيون آهن، ڳوٺ وارن جون ڳالهيون ته ٻُڌ. (جاپاني هائيڪو)

* سرد ملڪن جي پکين جهڙي حسين ڇوڪري! منهنجون ڏهه ئي آڱريون ميڻ بتين وانگر ٻرن، پوءِ به تنهنجي روح جون سڀ ڳليون سنسان ڇو؟ (حسن درس.)

* مان هڪ اڌ ٿهڪ ڏيان ٿو، تنهنجي ڀاڪر ۾ ويٺل شخص ڳڙڪائي وڃي ٿو. (امتياز ابڙو)

* سڀ دريافت ٿيل تشبيهون، ٻين شاعرن وٽ يرغمال آهن. تون مون کي سياري ۾ سنئي لڳندي آهين، چانهه پيئندي ۽ ڪرسي تي لڏندي . (ارشاد ڪاظمي)

* بي گهر هوائن جيان ڀٽڪندي، منهنجي سوچ جڏهن توسان ڇهڻي پوي ٿي ته تون بي خبر پنهنجي دنيا ۾ مگن، ان احساس کان ڪيڏو دور رهين ٿي! (ملڪ)

* تون ته چاهه، تنهنجا وهم به نٿا وسرن. درد ايڏو ڏنو اٿئي جو روئي به نٿو سگهجي ۽ کلي به نٿو سگهجي. لڙڪ ته رڳو نيڻن جو پاڻي آهن، تنهنجي ڏک جي ترجماني ته نٿا ڪن. هاڻ جڏهن به مان ڪنهن جي تڏي تي ويندس، مون لاءِ اهو تڏو تنهنجو هوندو. (فيض الله پيرزادو)

* ’هاڻ انهن (ٽانڊن) ڪي تہ نہ وساءِ, ٻاهر ڏاڍي سردي ٿي پئي ...‘ اشفاق احمد جي ڊراما ڪهاڻي ’آپا‘ ۾ روئندڙ پريمڪا ڪي چيل آخري ڊائلاگ.)

* هتي ڪنهن ڪي بہ هن جي خواهشن مطابق ڪجھ بہ نہ مليو آهي. ڪنهن ڪي اسان ناهيون مليا ۽ اسان ڪي تون ناهين مليو. (اردو شعر)

* ڪو بہ سٺو دماغ, ٻار چٽي, ماني پچائي, زور ڏيندي ... مرڻ نہ چاهيندو. مان بہ نٿي چاهيان. (ڪنول)

* ڏاڍي اوندھ آهي, امان! ڪا روشني ٻار, منهنجو ساجن ايندي ڪٿي ٿاٻڙجي نہ پوي. (س. س.)

* هوءَ ڇوڪري اهڙي غلط اسٽيشن هئي, جنهن تي لهڻ ڪان پوءِ ويراني ڪان سواءِ ڪجھ بہ نہ مليو. (س, س)

* ڄامشوري جي هوائن جهڙي زندگي ۾, جيڪب آباد جي گرمي جهڙا درد ٿاڪي, هوءَ مون ڪي صلاح ڏيندي آهي تہ زندگي خوش ۽ مرڪي گهار. (واحد پارس هيسباڻي)

* اُها مرڪ, ڪيڏي نہ حسين هوندي, جنهن سان اکين ۾ لڙڪ هوندا. (اڪبر سومرو ـ ڪيسو ڦل.)

* نوڪري نٿي ملي, جمهوريت بہ نٿي اچي ... ان ڪري توسان پيار ڪرڻ تي دل ئي نٿي ڪدي. (فيض الله پيرزادو)

هُنن ڪي ڪير چوي!؟ ٻاغي ٿيڻ بداخلاقي ناهي. ميڪ اپ هڪڙي مهل ٿيندو آهي, ڪپڙو ڪجھ ڏينهن هلندو آهي, پر سهڻو ماڻهو ڏاڍو پيارو لڳندو آهي, روز نئون لڳندو آهي. هُنن ڪي ڪير چوي!؟ زندگي پرينءَ سان پنڌ گهمڻ ۾ آهي, ڪار هارُن هڻندي آهي, هُن جيان ٺهڪ ڏيندي ناهي. (فيض الله پيزادو.)

توکي وري ڏسڻ ائين هوندو، جيئن ڪنهن انڌي کي وري اکيون ملن. (پال پاٽس - آمريڪا)

* چاهتن جي منڊ ۾، زخم جيڪو به لڳندو، عمر ڀر ناهي ڇٽندو. تو ٻُڌي ورتو هوندو ، شهر جي هوائن کان، اُهو جيڪو ديوانو، ايندڙ ويندڙ مسافر سان تنهنجو ذڪر ڪندو هو، هاڻي سو ڪٿي به نٿو ملي. (فرحت عباس شاهه)

* منهنجا دوست مون لئه آڪسيجن مثل آهن. هنن جي پل تي جيون جا ساهه کڻان ٿو. اهي جيڪس مو ن کان ڇڄي وڃن ته هوند سيڪنڊ به جيئرو رهي نه سگهان. (واحد پارس هيسباڻي)

ڀلا ازل کان ئي جن قسمتن ۾، محبت جي بنواس ۾ ڀڪشوءَ جيان بن بن ۾ ڀٽڪڻ لکيل هجي، اهي ڪٿ ٿا هڪ هنڌ گوتم وانگي گيان ۾ گهارين! شايد آءٌ به ڪو ڀڪشو آهيان ۽ مون کي به بن بن ۾ ڀٽڪڻو آهي. (خير النساء جعفري - ڪهاڻي ’حويليءَ کان هاسٽل تائين.‘ )

مان اهڙي اسڪول ۾ نه پڙهندس، جتي نصاب محبت جو پڙهجي پر امتحان هجر جو ڏيڻو پوي. (بيدل مسرور - سنڌي ٽپو)

ربيع ۽ خريف جي فصلن بابت هاريءَ کان پڇ - مان ته اجان ٻوٽي مان ڪپهه نڪرڻ جي حيرت ۾ آهيان. (بيدل مسرور)

مان اياڻڻ ته ترڻ به نٿي ڄاڻان، سهڻي الله ڪيئن ميهر سان ملڻ ويندي هئي. (بيدل مسرور)

مون کي ماريو، قتل ڪريو يا سنگسار ڪريو، ’ڪاري‘ ٿيڻ جي خوف کان منهنجي ساجن مون کي ’پيڻ‘ سڏيو آهي! (بيدل مسرور)

آءٌ ڪنهن بہ جنگ ۾، ڪنهن جي پر نہ ٽيندس. ٺيڪ آهي، مون کي پلي چوڙيون پارائي ڇڏيو. (بيدل مسرور)

هُن جدائيءَ جا گل، صبر جي ڪپڙي ۾ ويڙهي موڪيا، آءٌ اُهو عاشق ناهيان جو سڀ ڪجهہ سنڀالي رکان. (بيدل مسرور)

مون کي پيشانيءَ تي چمي ڏي ، مون تي جنن جو پاڇو ناهي امان! (بيدل مسرور)

خوابن تي بہ پابندي جو ڪو قانون هجڻ گهرجي، بي حياءُ الئہ ڪٿي ڪٿي ٽا رسن. (بيدل مسرور)

ماڻهو جو شاعر هجڻ وڏي ڳالھ ناهي، وڏي ڳالھ شاعر جو ماڻهو هجڻ آهي. (بيدل مسرور)
اڪيون تہ پينو فقير آهن سهڻا! سدائين ديدار جي ئي صدا ڪنديون آهن. (بيدل مسرور)

عشق اهو ناهي جو ڳاڙهن چپن جون چميون ڦلن. جيئن ماڻهو لاءِ ڦٽن ۾ پاڪرن جو پرم کي زندگي ملي! عشق اهو آهي جو آڪاش تي ستارن هوندي بہ چنڊ اڪيلو لڳي. هوا پي ڪنهن جي ساڙهيءَ جي سر سرَ جو گمان ڏياري. ستارا نيري پاڻيءَ ۾ ڪنول لڳن. (ايوب کوسو)

ڇوڪريون: ڇوڪريون ڪلن ٿيون، ڇوڪريون روئن ٿيون. ڇوڪريون جاڳن پيون، ڇوڪريون سمهن پيون. ڇوڪريون شادي پيون ڪن ۽ پيءُ جي قيد مان نڪري مڙس جي قيد ۾ پيون وڃن. (مصطفيٰ ارباب)

جڏهن ڪان تنهنجا ڪوڙا لڙڪ ڏٺا اٿم، تڏهن ڪان پنهنجن سچن ڳوڙهن تان اعتبار ڪڇي ويو آهي. (ساپيا سانگي)

اها ڇوڪري، جيڪا توکي وڻندي هئي، ان جيمحبت کي ڳول. اها تنهنجي آس پاس ئي اڏامندي هوندي. ان کي پنهنجي قابو ۾ ڪر. اهو موقعو ٻيهر ڪونہ ملندو. ان کي ضايع نہ ڪر. جلدي ڪر. ائين نہ ٿي جو منظر نامي ۾ ڪوئي ٻيو اچي وڃي. 'رقيب' پنهنجي نادانين جي ڪري پيدا ٿيندا آهن. (مصطفيٰ ارباب)

تون اهو بہ نہ ڄاڻين ٿي، تہ پهرين جنوري تنهنجي وجود جي انڪشاف سان گڏ، منهنجي خوابن جي ٽٽي ويل تاج محل جو سوڳوار ڏينهن بہ آهي. (فياض چنڊ ڪليري)

مون چمڻ ٿي چاهيو ـ منهنجي سامهون يار جا ڳل ، محبوب جا هٿ، زاهد جي پيشاني ۽ پورهيت جا هٿ هئا. [مون کي صرف هڪ چمي ڏيڻي هئي.]مون فيصلہ ڪن نظر سيني تي وڌي ۽ پورهيت جي ٻنهي هٿن کي مقدس ڪتاب جيئن کولي، مٿس پنهنجون اکيون ۽ چپ رکي ڇڏيا. (آسي زميني)

ڍنڍ جا پکي کهڙيءَ پر بہ هجن، ڍوڻڍ جي پکين کان چڱا ٿيندا هن. (شيخ اياز)

'روجهہ' واريءَ تي پنهنجو پاڇو ڏسي سوچيو: هي ڪير آهي جو مون وانگي ڊوڙي رهيو آهي؟ ڇا، هن کي بہ مون وانگر اُڃ لڳي آهي!؟ (ٽڪرا ٽٽل صليب جا ـ شيخ اياز)

اي خدا! قطري کي بحر بي ڪنار ۾ ملي، جا خوشي حاصل ٿئي ٿي، اها مون کي نہ گهرجي. (ٽڪرا ٽٽل صليب جا ـ شيخ اياز)

زندگي جيل آهي، اسان سڀ عمر جا قيدي آهيون ۽ پنهنجي پنهنجي سزا ڪاٽي رهيا آهيون. (بختاور ڄام)

منهنجي هر چڱائيءَ ۽ برائيءَ کان واقف، اي منهنجا دوست! تون منهنجو ڪيڏو نہ خطرناڪ دشمن ٿي سگهي ٿو! (ميتا جي رج ۾ ـ آسي زميني.)

جيءَ ۾ آيو تہ شمعدان ۾ پنهنجي شاعري رکان تہ سوين شمعون ٻري پونديون. (ٽڪرا ٽٽل صليب جا - شيخ اياز)

منهنجا رب! انهن کان پناهہ ڏي، جي انسان دوستيءَ جي پرچار ڪن ٿا ۽ دوستيءَ ۾ دغا ڪن ٿا. (ٽڪرا ٽٽل صليب جا - شيخ اياز)

اُها ڪير هئي؟ جنهن لاءِ پٽائي چيو هو [ سڄڻ ستا ولهہ ۾، چوٽا پيري ڪپور] ڪير هئي ....؟ ڪير....؟ (ٽڪرا ٽٽل صليب جا - شيخ اياز)

توکان سواءِ زندگي گهارڻ جو خيال، ٺر جي ڪوسي واريءَ ۾ پاڻ کي جيئري پُوري ڇڏڻ مثل آهي. (ساگر مشتاق ٿانوري)

وڇوڙي مهل شاعر پنهنجي محبوبا کي چيو: 'هاڻ اسان مطلع جي اڻ ٺهڪندڙ ۽ بي وزن قافين وانگر آهيون! (زبير سومرو)

مُور پنهنجا پير ڏسي روئندو آهي، آءٌ پنهنجا نسان ڏسي روئندي آهيان. (سارا شگفتہ)

رانديڪن جو مقدر وڏ ۾ وڏ ٽٽڻ ئي هوندو آهي. (سارا شگفتہ)

ڏک ان ڳالهہ جو ناهي تہ تو وساري ڇڏيو آهي. ڏک رڳو اهو آهي تہ ڇا مان وساري ڇڏڻ جهڙي هيس؟ (سنجها سرواڻ)

توسان ملڻ لاءِ، پاڻ کان وڇوڙو نہ ٿيو. (بدر النساء سيد)

اسان جي تولاءِ اڪير بہ مارئي جي اُڪير جهڙي آهي. پر فرق صرف اهو آهي تہ هاڻ هتي ڪوبہ شاهہ پٽائي موجود ناهي. (امداد گوپانگ)

انهيءَ پوَ ڪان توڪي بي آواز چمي ڏيڻ لاءِ مجبور آهيان جو چميءَ جو آواز ٻُڌڻ ڪان پوءِ توڪي، مون ڪي سنگسار ڪيو ويندو. (قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ - نور الهديٰ شاهہ.)

هر ڪهاڻيءَ جي پڇاڙيءَ تي هوءَ مون ڪان پڇندي آهي: ’تو امان بغاوت ڇو ڪانہ ڪئي؟‘ چوندي آهيانس: ’ان ڪري جو منهنجي ماءُ منهنجي پيرن هيٺان شڪست جو ٻج ڇٽي ڇڏيو هو. مان تنهنجي پيرن هيٺان بغاوت ٿي پوکيان. (قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ - نور الهديٰ شاهہ.)

اوٻاسي بہ عجيب شئي آهي! جو محبوبا ڏي تہ ادا آهي، جي زال ڏي تہ عذاب آهي. (حليم بروهي)

رات جو پڙهيل رومانسي ڪتابن جي حسين منظرن مان نڪري، جڏهن زندگيءَ جي تلخ صبحن سان منهن ڏيٺو ٿو پوي تہ سچ پچ روئڻ ٿو اچي. (ڪنول)

منهنجي قميص جا ڪيسا، سدائين تنهنجن ڳوڙهن سان پريل هوندا آهن. خالي ٿين تہ نوٽن سان ڀريان. (ملڪ نديم)

ڊاٽسڪن جيڏو نڪ، ۽ اچن بادلن جي ڏاڙهي، چوماسي وانگر سجدا، ساڳيو ماڻهو دهشت گردي بہ ڪري ٿو. (عزيز قاسماڻي)

اسان ڪيترا بہ غير اهم ڇو نہ هجون، ڪٿي نہ ڪٿي، ڪير نہ ڪير، اسان جي ڪمي محسوس ڪندو آهي. (امير بخاري)

چوڙيون تہ هونديون ئي پچڻ لاءِ آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن انهن سان دليون بہ جڙيل هونديون آهن، جيڪي پڻ ٽٽي پونديون آهن. (امير بخاري)

خوبصورتِ ماڻهن جا مقدر ايترا بدصورت ڇو هوندا آهن؟ ۽ جن ماڻهن کي جيئڻ ۽ کلڻ جي گهڻي تمنا هوندي آهي، اهي رُلي ۽ اجڙي ڇو ويندا آهن؟ (امير بخاري)

توڪان وڇڙي، ڪنهن ناچڻيءَ جي ڇڳل پازيب جيان ٽو لڳان. (سائل پيرزادو)

ڪائنات ۾، فقط هڪ ئي اهڙو سودو آهي، جنهن ۾، ڪڏهين بہ ۽ ڪنهن بہ قسم جي گهاٽي جو اُلڪو ناهي. ها، تو ڪڏهين مرڪن جي مٽا سٽا ڪئي آهي؟ (آسي زميني)

هُو پنهنجو هوندي بہ پين جو رهيو. ڏاڍو يار فاصلو رهيو. تنهنجي خيالن جي رش ۾، هو بازار ۾ اڪيلو رهيو. هو پنهنجي عمر بي حساب، زندگيءَ کان گهرندو رهيو. هُن کي پائڻ جي آس ۾ پاڻ وڃائيندو رهيو. (رزاق ڪٽي)

اگر منهنجو پاڇو ، منهنجو پيڇو ڇڏي ڏي ها تہ آءٌ ڪڏوڪ فرار ٿي وڃان ها (فراق هاليپوٽو)

قربان وڃان ان نصيحت ڪندڙ تان، جيڪو بڪئي کي بڪ برداشت ڪرڻ جون نصيحتون ڪندو آ. (خليل جبران)

مون دنيا ۾ اهڙو چريو نہ ڏٺو آهي، جنهن جو رت منهنجي رڳن ۾ نہ دوڙندو هجي. (خليل جبران)

’گيتو ....؟‘
’جيءُ مس!‘
’موت ڇا چيو پي!؟‘

’مس، مون کان ڳالهه ئي وسري وئي!
مون اهو ڳڻيو پي . . .
ڪوئل ڪيترا ڀيرا ڪوڪي آهي
۽
توهان جي اکين مان
ڪيترا لڙڪ ڪريا آهن!‘
*(آصف جمالي)

مون هڪ ٽري ڇوڪريءَ ڏانهن، خط ۾ بارش ۾ پوسٽ ڪري ڇڏي آهي. خط پڙهندي ئي هوءَ سرسبز ٿي ويندي. (آصف جمالي)

عورت ته عورت آهي، مون کي اهو شوق ڇو آهي ته هوءَ هر روز ’ڪليو پيٽرا‘ وانگر هڪ نئين عورت لڳي! (شيخ اياز)

اسان چاهيون ٿا ته اسان ضرور هجون، انهيءَ اسرار مان اپري اچون. اڻ ٿر هجون، ازل کان وٺي مقدر جو تسلسل هجون. (جيڪس موناد)

ڪنهن چيو ته ’تنهنجا دوست توتي ڪاوڙيا آهن.‘ مون وراڻيو: ’هو ڪاوڙيا ته پنهنجي غلطيءَ تي آهن. رڳو مان ان جي نشاندهي ڪيان ٿو ته هو مون تي ڪاوڙ ڇندن ٿا.‘ (شيخ اياز)

’ٻاٻيهي‘ کي ڇو ٿو مارين؟ جي ٻاٻيهي مري وئي ته ساوڻ ڇالاءِ وسندو؟ (شيخ اياز)

روحل! ڪنڊڙيءَ جون سڀ ڪنڊون جاچي ڏس! متان ڪٿي آءٌ به ملي وڃان. (ش۔ا.)

ڇا منهنجي ڪمري تي ڪان هي ڪائنات وڏي آهي؟ نسورو پُلو آهيان ميان! (ش.ا.)

هُن جو روح آواره ۽ تقدير ڪربلا جهڙي آهي. ويندي ويندي مون ڪان منهنجون اکيون ڪٽي ويو آهي، ڇڻي ويو آ تہ ملڪ ۾ لوڊ شيڊنگ گهٽي آهي. رستي ۾ روشني جي ضرورت آهي. ڇريي کي ڪير سمجهائي تہ سج کي لڪائڻ وارن هاڻ ڏينهن ۾ لالٽين کڻڻ شروع ڪئي آهي. (رزاق ڪٽي)

تنهنجي نيڻ نهارن ۾، شام سمي جا عڪس، سرمي جو ڏيک، ڪيڏي پياري لڳندي آهين تون - هر منظر تي گيت چوڻ لاءِ، لفظ ۽ آءٌ بيوس هوندا آهيون. (ماڻڪ ملاح)

وڻ مان ڪرندڙ زرد پن چيو: جڏهن تون بہ مان جيان زرد پن ٿي ويندين تہ توکي بہ تنهنجو پرين پنهنجي پيار جي وڻ مان ڇاٽي ڇڏيندو. (زاهد ميراڻي)

تون منهنجو وڇڙيل وجود آهين. پنهنجي ڪٽيل اڌ جي ڪڏهن ڪڏهن ايڏي شدت سان ياد ايندي آهي جو مون کان رهجي ويل وجود بہ وسري ويندو آهي. (ڪنول)

منهنجو پوڄاري من، محبت جي مصلي تي تنهنجي ياد کي سجدا ڪري، تنهنجي وڏي عمر جي دعا گهرندو آهي تہ جيئن تون اجان مون کي وڌيڪ رڙائين. (زاهد ميراڻي.)

گلن جي مرجهائڻ ۽ پن پن ٿي وکرڻ تي، معصوم هٿن جي خيرات گهرڻ تي، مجبوري سبب پنهنجو جسم درندن حوالي ڪرڻ وارين نارين تي ۽ بکن ۾ پاهہ ٿيندڙ ماروئڙن جي ڏکن ڏوجهرن تي، پنهنجي دل ۾ درد پيدا نہ ٿئي ها، تون جي سچٽي جفا نہ ڪرين ها ... (مشتاق پرڳڙي)

تون ذات پات جي جنهن بلندي تي بيٺل هئينءَ، تمام عمر پار نہ ڪري سگهان ها، ان اوچائيءَ ڪي. پوءِ ڏک ڇا جو؟ ڇگُو ٽيو جو موٽي وئينءَ. غريب جي محبت جو پرم رهجي ويو. (نامعلوم)

اسان سڀ اڻ گهڙيل مٽيءَ جا وجود آهيون ۽ آءٌ مسلسل هن کي ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش پئي ڪريان. پر زندگي کي ڪائي ترتيب ناهي. مون کي ڪيتريون ئي سٽون پونڪٽيون ٽيون پون، هن کي هڪ سٽ ٻڌائڻ لاءِ. (امر سندو)

سڄي رات اشارا ۽ پاڳل آسمان منهنجا ساٿي رهيا آهن. هاڻ مون کي پنهنجي پڪار جي وراڻي ۾ هڪ دانهن ٻڌڻ ۾ آئي. هڪ پيرو وري، هڪ پيرو هن سانت ۾ تنهنجي وراڻي پريت جي نشاني آ. (رادو بورينيو - رومانيہ)

تون معتبر نہ هئين، منهنجي پيار توکي اعليٰ بڻايو ۽ تو پاڻ کي ايڏو معتبر ڀانيو جو منهنجي پيار کي ئي گهٽ سمجهي ٺڪرائي ڇڏيو. (شگفتہ شاه)

هي ساري ڪائنات مون کي تنهنجي اکين وانگر گهوري رهي آهي. (ش-ا.)

مون کي تہ وڇڙو هو. مان موت کي ڏکي تنهنجي ملاقات لاءِ ترسي پيس. تون ڪيڏانهن هلي وئينءَ؟! (شيخ اياز)

بيقرار آس ڪٽي اٿان ٿو ۽ هن کي پنهنجي ڪمري جي ڪنڊ ڪنڊ ڪري ڳوليان ٿو. پر هوءَ مون کي ڪٿي نٿي ملي. منهنجو گهر ننڍڙو آهي ۽ جيڪو ڪجهہ ان مان هڪڙو پيرو نڪري ويو، وري واپس موٽي اچي ڪونہ سگهندو آهي. (گيتا انجلي - ٽئگور.)

ٻار جهٽ روئڻ لڳندو آهي، جڏهن ماءُ کيس ساڄي ڇاتيءَ کان ڇنندي آهي. ليڪن هڪدم ٻي گهڙيءَ ئي هن کي کاٻيءَ ڇاتيءَ ۾، تسلي ملي ويندي آهي. (گيتا انجلي - ٽئگور.)

***سپنو ۽ ساڀيان***

چوندي هئينءَ: ’ڏک سک تہ ايندا ئي رهندا هن، ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالھ تي گھبرائبو ناهي. دل وڏي ڪر، نيڪ ٿي ويندو سڀ ڪجھ ئي ....‘
۽ رات جڏهن ڊاڪٽر ڏسي ويو آهي: مسٽر! تنهنجي دل وڏي ٿي وئي آهي.‘ تہ روئين چو ٿي؟ گھبرائين ڇو ٿي؟ (دک جي نہ پڇاڻي آ - اياز گل)

آءُ! مون سان ٻاڪر پاءِ. رات مان پرڇجي ويندس. اڙي! امامن جي سبيل تہ ڪير بہ ڏئي سگھي ٿو. (بيدل مسرور)

***واعدي خلافي***

هڪڙو واعدو جو ڪيو، تون ۽ مان، روز سمهڻ کان اڳ ۾ هڪ ٻئي جي ڪري گھر ڏي مُنهن، دوست! چوندا سين، ’خدا حافظ‘ - سو تو بہ هر رات ائين ڪيو هوندو. مون بہ هر رات ائين ڪيو آهي. معاف مون کي ڪجانءِ دوست! مگر رات واعدي خلافي ٿي وئي، رات روئندي ئي گذري وئي! (دک جي نہ پڇاڻي آ - اياز گل)

جدائي جي ٽانگي تي، صبر جي رين ڇڪي ويھ، ديدار لاءِ وهم جي سواري هرگز نہ ڪٽجانءِ. (بيدل مسرور)

ميان! وظيفو وصال لاءِ ڪر. چمي تہ مان توکي روز ڏيندي هان. (ب - م)

ها! مجيم تہ مون توکي ڪٽڪ جي داٽي ڪائڻ لاءِ ڇيو، پر ڇا ان ڪري مان تنهنجي دل تان ڪري پيس صوفي! (بيدل مسرور)
منهنجي ڪنهن سان بہ دشمني ناهي. مڱٽهار تہ راڄ جي نياڻي ٿيندو آهي. (بيدل مسرور)

منهنجي پيشانيءَ کي تنهنجي گفٽ ڪيل سوني زيور کان وڌيڪ تنهنجي چميءَ جي ضرورت آهي. (فرزانہ سنڌو)

ڪاني سڙيي ڪوئلي وانگر ٿئي، ڪوئلو سڙي خاڪ ٿي وڃي. پر آءٌ اهڙي ڪا پاپڻ آهيان، جيڪا سڙي نہ ڪوئلو ٿئي نہ ئي خاڪ. (’ڪبير‘ جو دوهو)

’انو ...! پيار ڪان سواءِ بہ ماڻهو چڻ يتيم آهي. Crash Landing ۾ تباهہ ٿيل جهاز جي ان مسافر وانگر، جيڪو حادثي ۾ اڪيلو بچي ويو هجي.‘ (ٽٽل شيشا ۽ آگريون ـ نور گهلو.)

Do’ not touch my hands if you could not reach any part of heart.

جيڪڏهن منهنجي دل جي ڪنهن حصي ڪي نٽو ڇهي سگهين تہ منهنجا هٿ بہ نہ ڇهُ. (سعيد سومرو)

رشتا وقت سان گڏ فاصلا طئہ ڪن ٿا. لمحن جيان رشتن جي معنيٰ متجي ٿي. گهري رشتي جي هام تہ بس هڪ روايت آهي. (زندگي، خواب ۽ خودڪشي ـ چندر ڪيسواڻي)

تو شام جو ملڻ جو واعدو ڪيو آهي. شام تائين تہ مان پوڙهو ٿي ويندس. پڇتاءَ جو پرڇاءَ، تنهنجي اک جو ڳوڙهو ٿي ويندس. رات تائين تہ منهنجي محبت جي رت سان هر عاشق جي اڱڻ جا رابيل رنڱجي ويندا ـ جوين جي جادو سان سچ ڪي لهڻ نہ ڏي، پريت جي پيغمبري سان سانجهيءَ ڪي اچڻ نہ ڏي. (ملڪ نديم)

اجا جاري..............

انٽرنيٽ ايڊيشن: عباس ڪوريجو ويب
www.abbaskorejo.com
وڌيڪ ڪتابن لاءِ ڏسندا رهو.